١١ اوم شري پَرِماتِمَني نَمَهَ ١١

اٿئي ڪا دشو ڌيايَهَ

اڳئين اڌياءَ يوگيشور شري ڪرشڻ پنهنجي مکيہ مکيہ ويڀوتين جو ٿوري ۾ وِوَرڻ ڏنو؛ پر ارجن کي لڳو تہ هن وستار سان ٻُڌي ورتو آهي. هن چيو تہ تنهنجي واٽي ٻڌڻ سان منهنجو سڄو موهہ نشٽ ٿي ويو آهي؛ پر توهان جو چيو، ان کي ظاهر روپ ۾ ڏسڻ ٿو چاهيان. ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. اکين سان هلي ڏسڻ سان شيءَ جي اسٿتي ٻي ئي ٿيندي آهي. ارجن! ان روپ کي ڏٺو تہ ڪنبڻ لڳو، معافي گهرڻ لڳو. ڇا گياني ڊڄندو آهي؟ ان کي ڪا جڳياسا رهجي ٿي وڃي؟ نہ ٻُڌيءَ جي سطح تي، ويچارڻ جي ليول تي ڄاڻ ملي اُها سدائين قائم رهي ٿي. ها! اُها يٿارٿ ڄاڻ جي لاءِ پريرڻا ڏيندي آهي تنهنڪري ارجن وينتي ڪئي.

अर्जुन उवाच
मदनुग्रहाय परमं गुह्यमध्यात्मसञ्ज्ञितम्।
यत्त्वयोक्तं वचस्तेन मोहोऽयं विगतो मम।।१।।

ارجن اُواچ
مَدَنوُگرَهايَہ پرمَم گُهيمڌياتِمَسنجِتَم
يَتوِيوڪتَم وَچِستينَ موهويَم وِگتومَمَ (١)

ڀڳوان ! مون تي مهر ڪرڻ جي لاءِ، جو توهان جي دواران اڌياتم ۾ پرويش ڏيارڻ وارو اُپديش ٻڌايو ويو، اُن مان منهنجو اگيان نشٽ ٿي ويو. مان گياني ٿي ويس.

भवाप्ययौ हि भूतानां श्रुतौ विस्तरशो मया।
त्वत्तः कमलपत्राक्ष माहात्म्यमपि चाव्ययम्।।२।।

ڀَوَاپِيَيَئُوُ هي ڀُوُتانامِ شِرُتَئُوُ وِستَرَ شو مَيا
تِوَتَهہ ڪَمَلَ پَتِراڪِشَ ماهاتِميَمَپي چاوِيَيَمِ (٢)

ڇاڪاڻ تہ هي ڪمل نيترا! مون ڀوتن جي اُتپتي ۽ پرلئہ توهان ڪان وستار پوروڪ ٻڌي آهي ۽ توهانجو اوناشي پرڀاوَ بہ ٻڌو آهي.

एवमेतद्यथात्थ त्वमात्मानं परमेश्वर।
द्रष्टुमिच्छामि ते रूपमैश्वरं पुरुषोत्तम।।३।।

”ايوَ ميتَدِيَٿاتِٿَ تِوُ ماتِمانَمِ پَرميشِوَرَ
دِرشِٽُمِڇامِي تي، روپمَئيشِوَرَمِ (٣)

هي پرميشور ! توهان، پاڻ کي جيئن چئو ٿا، اهو ٺيڪ ائين ئي آهي، ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي، پر مون فقط ان کي ٻڌو آهي. هاڻي هي پُرشوتم ! اُن عيشِوَريہ سوروپ کي مان ظاهر ڏسڻ ٿو چاهيان.

मन्यसे यदि तच्छक्यं मया द्रष्टुमिति प्रभो।
योगेश्वर ततो मे त्वं दर्शयात्मानमव्ययम्।।४।।

”مَنِيَسي يدِي تَڇِڪيَمِ مَيادِرشٽُمتي پرڀو
يوگيشِوَرَ تَتو مي تُومِ دَرِشياتِمانمَوِ يَيَمِ (۴)

هي پرڀو ! منهنجي دواران توهانجو اُهو روپ ڏسي وٺڻ ممڪن آهي، جيڪڏهن توهين ائين مڃو ٿا تہ يوگيشور ! توهين پنهنجي اوناشي سوروپ جو مونکي درشن ڪرايو. ان تي يوگيشور کو جواب ڪونہ ڏنو، ڇو تہ ڀرين بہ هر هنڌ تي چئي آيو آهي تہ تون منهنجو اننيہ ڀڳت ۽ پيارو متر آهين. هاڻي ڏاڍي پرسنتا سان هن پنهنجو سروپ ڏيکاريو !

श्रीभगवानुवाच
पश्य मे पार्थ रूपाणि शतशोऽथ सहस्त्रशः।
नानाविधानि दिव्यानि नानावर्णाकृतीनि च।।५।।

شري ڀڳوان اُواچ
”پشيہ مي پارٿ روپاڻي شَتَشوٿ سَهِسرَ شَهہ
نانا وڌاني نِي دِوياني ناناوَرڻاڪِرتينِي چہَ (۵)

پارٿ! منهنجي سوين توڙي هزارين جدا جدا پرڪار ۽ جدا جدا ورڻ توڙي آڪرتي وارن دِويہ، اَتي سندر، وڻندڙ سوروپ کي ڏس.

पश्यादित्यान्वसून्रुद्रानश्विनौ मरुतस्तथा।
बहून्यदृष्टपूर्वाणि पश्याश्चर्याणि भारत।।६।।

”پَشيادِتيانِوَ سوُنِ رُدرانِشوَ نَئوُ مروُتِستٿا
بهوُنيدِ رشِٽپوُرِ واڻِي پَشيا شِچَرياڻِي يارت (٦)

هي يارت ! آدِتيءَ جا ٻارهن پٽ، اٺ وَسُون، يارهن رُدر، ٻنهي اشوني ڪمارن ۽ اوڻونجاهہ مرودگڻ کي ڏس ۽ ٻيا گهڻا جي تو پهرين ڪڏهن ڪونہ ڏٺا آهن. عجب جهڙن روپن کي ڏس.

इहैकस्थं जगत्कृत्सनं पश्याद्य सचराचरम्।
मम देहे गुडाकेश यच्चान्यद्द्रष्टुमिच्छसि।।७।।

”اِهَئيڪِسٿَمِ جَگَتِڪِرِ تِسنَمِ پَشيادِيہَ سَچراچَرَمِ
مَمَ ديهي گڊاڪيشَ يَچانيَدِ رشٽُمِڇسي (٧)

ارجن ! هاڻي منهنجي هن سرير ۾ هڪ ئي استان تي استت ٿيل چراچر سان گڏ سمپورڻ جڳت کي ڏس توڙي ٻيو بہ ڪجهہ ڏسڻ چاهين ٿو، اُهو ڏس.

ان طرح ٽنهي شلوڪن تائين ڀڳوان لڳاتار ڏيکاريندو تي ويو پر ارجن کي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو (هو اکيون مهٽيندو

ئي رهيو) هاڻي ائين ڏيکاريندي اچانڪ رڪجي وڃن ٿا ۽ چون ٿا -

न तु मां शक्यसे द्रष्टुमनेनैव स्वचक्षुषा।
दिव्यं ददामि ते चक्षुः पश्य मे योगमैश्वरम्।।८।।

”نہ تو مام شَڪيَسي دِرشٽُمَنينَئيوَ سِوَچَڪشُشا
دِوِيَمِ دَدامِي تي چَڪشُهہ مي يوگمَئيِشوَرَمِ (٨)

ارجن ! تون مونکي پنهنجي نيترن دوارا ارٿات ٻاهرين درشٽيءَ دوارا ڏسڻ ۾ سمرٿ نہ آهين تنهن ڪري مان توکي دِويہ منعيٰ الوڪڪ درشٽي ڏيان ٿو، جن سان تون منهنجي پرڀاوَ ۽ يوگہ شڪتي کي ڏس.

هتي يوگيشور شري ڪرشن جي ڪرپا-مهر سان ارجن کي اُهائي درشٽي پراپت ٿي، هن ڏٺو ۽ هوڏانهن يوگيشور وياس جي ڪرپا مهر سان اُها ئي درشٽي سنجيہ کي ملي هئي. جيڪو ڪجهہ ارجن ڏٺو، اکشرشهہ اُهو سنجيہ بہ ڏٺو ۽ اُنجي پرڀاءُ سان پاڻ کي ڪلياڻ جو ڀاڱوارو بڻايو. ظاهر آهي شري ڪرشن يوگي جي سمڪش آهن.

सञ्जय उवाच
एवमुक्त्वा ततो राजन्महायोगेश्वरो हरिः।
दर्शयामास पार्थाय परमं रूपमैश्वरम्।।९।।

سنجيہ اُواچ
”ايوَمِڪتا تَتو راجِنمها يوگيشِورَ هري
دَرِشَياماسَ پارِٿايہ پَرَمَمِ روپمَئيِشوَرَمِ (٩)

سنجيہ چيو- هي راجن مهايوگيشور هريءَ ان پرڪار چئي اين ڪانپوءِ پارٿ کي پنهنجو پرم ايشوريہُڪت دِويہ سروپ ڏيکاريو. جو پاڻ يوگي آهي ۽ ٻين کي بہ يوگہ پردان ڪرڻ جي جنهن ۾ سمرٿي هجي، جو يوگہ جو سوامي هجي، اُن کي يوگ

يشور چون ٿا. ان پرڪار سڀ ڪجهہ ڪٺي وچڻ وارو هري آهي. جيڪڏهن فقط دڪن کي چوارائين ۽ سڪہ چڙهي ڏنائين، تہ دڪہ ايندو. هاڻي سيني پاپن کي ناس ڪرڻ سان گڏ سڀ ڪجهہ کسي پنهنجو سروپ ڏيڻ ۾ سمرٿ آهي، هو هري آهي. هنن پارٿ کي پنهنجو دِويہ سروپ ڏيکاريو. سامهون تہ بيٺائي هئا-

अनेकवक्त्रनयनमनेकाद्भुतदर्शनम्।
अनेकदिव्याभरणं दिव्यानेकोद्यतायुधम्।।१०।।

”اَنيڪ وَڪتِرَ نَيَنَمَنيڪادِ ڀوُتَدَر شَنَمِ
اَنيڪ دِويا ڀَرَ ڻَمِ دِويانيڪو دِيَتايُڌَ مِ (١٠)

انيڪ مکہ ۽ نيترن سان مليل، انيڪ اديت درشن وارا، انيڪ دِويہ، آتي سندر پوشڪن سان سجايل ۽ انيڪ دِويہ شِسترن کي هٿ ۾ کنيا تنهنڪري-

दिव्यमाल्याम्बरधरं दिव्यगन्धानुलेपनम्।
सर्वाश्चर्यमयं देवमनन्तं विश्वतोमुखम्।।११।।

” دِويَماليامِبَرَ ڌَرَمِ دِويَگنڌا نوُ ليپنَمِ
سَرِواشِچَرِ يَمَيَمِ ديوا مَنِنَتِمِ وَشِوَ تو مُکَمِ (١١)

سندر مالا ۽ وسترن کي ڌارڻ ٿيل، دويہ گنڌ (خوشبوءِ) جو ليپ لڳل، هر پرڪار عجوبن سان ڀريل حد کان رهت ورات سوروپ پرم ديو جي درشتي ملڻ تي ارجن ڏٺو.

दिवि सूर्यसहस्रस्य भवेद्युगपदुत्थिता।
यदि भा: सदृशी सा स्याद्भासस्तस्य महात्मन:।।१२।।

”دِوِسوُرِيَسَہَسرَسَسَيہ ڀَويدِيگَپدوُتِٿَتا ا
يدي ڀاهہ سَدِرشي سا سِيادِڀاسَسِتَسِيہَ اا (١٢)

(اگيان روپي ڌرتراشٽر، سنيم روپي سنجيہ جيئن اڳ ۾ اچي ويو آهي) سنجيہ چيو:- هي راجن! آڪاش ۾ هڪ وقت هزار سورج اُڀرڻ تي جيترو پرڪاش ٿئي ٿو، اُهو بہ وِشِوَ روپ انهن

مهاتمائن جي پرڪاش جي سدرشن جهڙو ڀلي ئي هجي. هتي يوگيشور مهاتما ئي آهن يوگيشور هو.

तत्रैकस्थं जगत्कृत्स्नं प्रविभक्तमनेकधा।
अपश्येद्देवदेवस्य शरीरे पाण्डवस्तदा।।१३।।

تَترِئيِڪِستَمِ جگَتِڪِرِ تِسنَمِ پِرَوِڀِڪتَمَنيڪڌا
اَپَشِييديوسِيَه شريري پانڊوَ سِتدا (١٣)

پانڊو پٽر ارجن (پڃ ئي پانڊو آهي. پٽيه ئي انوراگه کي جنم ڏئي ٿو) ان وقت انيڪ پرڪارن سان ڀڳتيءَ ۾ پورن سمپورڻ جڳت کي پرم ديو جي شرير ۾ هڪ جڳهه استٿ ڏٺو.

ततः स विस्मयाविष्टो हृष्टरोमा धनञ्जयः।
प्रणम्य शिरसा देवं कृताञ्जलिरभाषत।।१४।।

تَتَهه سَ وِسِمَياوِشٽو هِرِشٽَروما ڌننجيهَه
پِرَڻَمِيهَ شِرَسا ديوَمِ ڪِرِ تانجليرَ ڀاشَتَ (١٤)

ان کان پوءِ آشچريه سان ڀريل خوشيءَ ۾ وار کڙا ٿيل هو، ارجن پرماتم ديو کي مٿو جهڪائي پرڻام ڪري (پهرين به پرڻام ڪندو هو، پر پرڀاوَ ڏسڻ تي سادر پرڻام ڪري) هٿ جوڙي چيو. هتي ارجن انتهڪرڻ سان نَمڻُ ڪيو ۽ چيو

अर्जुन उवाच
पश्यामि देवांस्तव देव देहे।
सर्वांस्तथा भूतविशेषसङ्घान्।
ब्रह्माणमीशं कमलासनस्थ-
मृषींश्च सर्वानुरगांश्च दिव्यान्।।१५।।

ارجن اواچ

پَشِيامي ديوانِسِتَوِ ديهي،
سَرِوانِسِتٿا ڀوُتوِ شيشسَنگهانِ ا

بِرَهماڻَميِشَمِ ڪملا سَنَسِتَ

مِرِشيِمِشِچَ سَرِوانوُراڳاشِچِ دِويان ।। (١٥)

هي ديو ! توهان جي شرير ۾ مان سمپورڻ ديون توڙي انيڪ ڀوتن جي ميڙڪي ڪمل جي آسن تي ويٺل برهما کي، مهاديو کي، سمپورڻ رشين کي ۽ دِويہ سَرِپنِ کِي ڏسان ٿو. هيءُ ظاهر درشن هو، ڪوري ڪلپنا نہ، پر اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن يوگيشور، پورڻتا پراپت مهاپرش هردي سان درشٽي پردان ڪري. هيءَ ساڌن گميہ آهي.

अनेकबाहूदरवक्त्रनेत्रं
पश्यामि त्वां सर्वतोऽनन्तरूपम्।
नान्तं न मध्यंनपुनस्तवादिं
पश्यामि विश्वेश्वर विश्वरूप।।१६।।

”انيڪباهوُدَرَوَڪتِرَ نيتِرَمِ ।

پَشيامِي تُوامِ سَرِوتو نَنِترُوپَمِ ।

نانِتَمِ نہ مَڌِيَمِ نہ پنَسِتوادِيمِ

پَشِيامِي وِشِويشوَرَ وِشِوَ روپَ ।। (١٦)

وِشِوَ جا سوامي. مان توهان کي انيڪ هٿ، پيٽ، مکہ ۽ نيترن سان پُرُ ۽ سڀ -پاسي کان اننت روپن وارو ڏسان ٿو. هي وِشِوَ روپ ! نہ مان توهانجي آد کي، نہ مَڌِيَہ کي ۽ نہ انت کي ئي ڏسان ٿو معنيٰ توهانجي آد، مڌيہ ۽ انت جو نرنيہ جو پار نٿو پائي سگهان.

किरीटिनं गदिनं चक्रिणं च
तेजोराशिं सर्वतो दीप्तिमन्तम्।
पश्यामि त्वां दुर्निरीक्ष्यं समन्ता-
द्दीप्तानलार्कद्युतिमप्रमेयम्।।१७।।

ڪِريٽِنَمِ ڳدِنَمِ چَڪِرَڻِمِ چہ

تيجوراشِيمِ سَرِوَتو ديپتَمنِتَمِ ا
پَشيامي تُوامِ دُر نريڪشيَمِ سَمنِتا-
ديپتا نلارِڪَ ديُتِمَپر ميَمِ اا (١٧)

مان توهانکي مڪٽ سان، گدا سان، چڪر سان سيني پاسن کان پرڪاشوارو، تيڪپُنج سوروپ، ٻرندڙ اگني ۽ سورج وانگر ڏسڻ ۾ ڏکيو ارٿات ڏکيائيءَ سان ڏسڻ وارو ۽ سيني طرفن کان ٻُڌي وغيره سان گرهڻ نہ ٿي سگهڻ وارو پريم سان پرپور ڏسان ٿو. ان طرح سيني اندرين کي پوري طرح سمرپت ٿي يوگيشور شري ڪرسن کي هن روپ ۾ ڏسي ارجن من جي اُستتي ڪرڻ لڳو-

त्वमक्षरं परमं वेदितव्यं
त्वमस्य विश्वस्य परं निधानम्।
त्वमव्ययः शाश्वतधर्मगोप्ता
सनातनस्त्वं पुरुषो मतो मे ।।१८।।

تُوَمَڪشَرَمَ پَرَمَمِ ويدِ تَويَمِ
تُوَمَسِيَہ وِشَوَ سيہ پَرَمَ نِڌانَمِ ا
تُوَمَويَيَهہ شاشَوَتِڌَرِمَگوپتا
سناتَنَسِيَتُوَمِ پُرشو مَتومي اا (١٨)

ڀڳوان! توهين ڄاڻڻ يوگيہ پرم اڪشر معنيٰ اڪشيہ پرماتما آهيو. توهين هن جڳت جو پرم آسرو آڌار آهيو، توهين پوتر ڌرم جا رکشڪ آهيو تہ توهين ابناسي سناتن پرش آهيو. اهو منهنجو ويچار آهي. آتما جو سوروپ ڇا آهي؟ شاشوت شيِ آهي، سناتن آهي، نہ ظاهر ٿيل روپ آهي، ابناسي آهي. هتي شري ڪرشن جو ڪهڙو سوروپ آهي؟ اُهو ئي پوتر، سناتن،

اويَيہ، ابناسي معنيٰ پراپتي ڪان پوءِ مهاپرش بہ اُنهي آتم ڀاوَ ۾ استت ٿئي ٿو. تڏهن تہ ڀڳوان ۽ آتما هڪ ٿي لکشڻ وارا آهن.

अनादिमध्यान्तमनन्तवीर्य–
मनन्तबाहुं शशिसूर्यनेत्रम्।
पश्यामि त्वां दीप्तहुताशवक्त्रं
स्वतेजसा विश्वमिदं तपन्तम्॥१९॥

اَناديمڌِيانِتَمَنَنِ تويريہ
مَنَنِتَباهُوم ٿُوام شَشيسورِيَہ نيتِرَم ।
پَشِيامي ٿُوام ديپِتَهُتاشوَڪتَرِم
سِوَتيجَسا وِشوَمِدَم تَپَنِتَم ।। (١٩)

هي پرماتمن ! مان توهان کي آدي، مڌيہ ۽ انت کان رهت، اَننت سمرٿيءَ سان پريل، اننت هٿن وارو (پهرين هزارين هٿا، هاڻي اننت ٿي ويا) چندرما ۽ سورج روپي نيترن وارا (تڏهن تہ ڀڳوان ڪاٺو ٿي ويو) هڪ اکہ چندرما وانگر جهيڻي پرڪاش واري ۽ ٻي سورج وانگر تيج سان پُرُ. اهڙو ڪجهہ ڪونهي. سورج سمان پرڪاش پرڌان ڪرڻ وارو ۽ چندرما وانگر سيتلتا پردان ڪرڻ وارا گڻ ڀڳوان ۾ آهن. چنڊ -سج فقط نشانيون آهن (ارٿات چندرما ۽ سورج جي درشٽيءَ وارا) ۽ ٻرندڙ، مَتِئِيَن مُنهَنِ وارا ۽ پنهنجي تيج سان هن جڳت کي تپائيندي ڏسان ٿو.

द्यावापृथिव्योरिदमन्तरं हि
व्याप्तं त्वयैकेन दिशश्च सर्वाः।
दृष्ट्वाद्भुतं रूपमुग्रं तवेद
लोकत्रयं प्रव्यथितं महात्मन्॥२०॥

دِياواپِرِٿِويور دَمَنِتَرَم هي

وياپتَم تُوَيئيڪيَن دِشَشچَہ سَرواها ۔
دِرِشٽوادڀُتَم رُوپَمُگرَم تَويدَم
لوڪَ ترَيَم پرَويَٿتَم مهاتمَن ۔۔ (٢٠)

هي مهاتمن ! آسمان ۽ پرٿويءَ جي وچ جو سڄو آڪاش ۽ سڀ طرف هڪ توهان ڪان ئي پريپورڻ آهن. توهانجي هن الوڪڪ، ڀينڪر روپ کي ڏسي ٽيئي لوڪ تمام وياڪل ٿي رهيا آهن.

अमी हि त्वां सुरसङ्घा विशन्ति
केचिद्भीताः प्राञ्जलयो गृणन्ति।
स्वस्तीत्युक्त्वा महर्षिसिद्धसङ्घाः
स्तुवन्ति त्वां स्तुतिभिः पुष्कलाभिः ।।२१।।

اَمي هي تُوام سُرُ سنگها وِشنِتي
ڪيچِدڀِيتاهہ پرانجلَيو گرِڻَنتي ۔
سِوَستيِتيُڪتوا مهرشيسِدّسنگها
سِتوُوَنِتي تُوام ستوُتِڀِهہ پُشڪلاڀِهہ ۔۔ (٢١)

هو ديوتائن جا ميڙ توهان ۾ ئي پرويش ڪري رهيا آهن ۽ ڪو هڪ اڌ ڊڄي ڪري هٿ جوڙي توهانجا گُڻ ڳائيندا ٿا رهن مهرشي ۽ سِڌَن جي سڀ سوستي واچن ارٿات ”ڪلياڻ هو“ ائين چوندي چوندي سٺي استوترن دواران توهانجي اُستتي ڪري رهيا آهن.

रुद्रादित्या वसवो ये च साध्या
विश्वेऽश्विनौ मरुतश्चोष्मपाश्च।
गन्धर्वयक्षासुरसिद्धसङ्घा
वीक्षन्ते त्वां विस्मिताश्चैव सर्वे।।२२।

رُدرادِتيا وَسوو يي چَہ ساڌِيا

وِشويشوَنَئُوُ مَروتَشِچوشِمَپاشَچہ ۔
گَندرِوَيکِشا سُرَسِنَ سنگا،
وِيکِشنتي تُوامِ وِسِمَتا شچَئيوَ سَروي ۔۔ (٢٢)

رُدر، آدتيہ، وَسوُ، ساڌيہ وِشويديو، اَشوني کمار، وايو ديو ۽ اُشِمَپاهہ. ايشوري گرمي گرهڻ ڪرڻ وارا ۽ گندرو، يڪش، راڪشس ۽ سِڌن جو سچو ميڙ سڀ حيرت مان توهان کي ڏسي رهيا آهن معنيٰ ڏسي بہ سمجهي نٿا سگهن، ڇاڪاڻ تہ اُنهن وٽ اُها درشٽي ئي نہ آهي. شري ڪرشن اڳيِ ٻڌايو هو تہ آسُري سڀاءُ وارا ماڻهو مونکي تڇ، خسيس ڇئي ڪوٺيندا آهن، عام رواجي منش جهڙو مڃين ٿا جڏهن تہ مان پرم ڀاوَ ۾، پرميشور روپ ۾ استٿ آهيان. جيتوڻيڪ آهيان منش شرير جي آڌار وارو. ان جو وستار هتي آهي تہ هو عجب مان ڏسي رهيا آهن، يٿارٿ سمجهہ نہ ٿا پائي سگهن نہ ڪو ڏسن ٿا سگهن.

रूपं महत्ते बहुवक्त्रनेत्रं
महाबाहो बहुबाहूरुपादम् ।
बहूदरं बहुदंष्ट्राकरालं
दृष्ट्वा लोकाः प्रव्यथितास्तथाहम् ।।२३ ।।

روپم مَهَتي بهوُوَ ڪِترَ نيترَمِ
مهاباهو بَهوُباهوُ رُپادَمِ ۔
بَهوُدَرَمِ بهوُدَمِشترا ڪرالَمِ
دِرِشٽوا لوڪاهہ پرَوِيَٿِتاسِتٿاهمِ ۔۔ (٢٣)

مهاباهو ! (شري ڪرشن مهاباهو آهن ۽ ارجن بہ. پرڪرتي کان پري مهان شڪتيءَ ۾ جنهنجو ڪروڪيتر هجي، اُهو مهاباهو آهي. شري ڪرشن مهانتا جي کيتر ۾ پورڻ آهن، تمام وڏي حد ۾ آهي. ارجن اُن جي داخلا ۾ آهي، مارگ ۾

آهي. منزل مارگ جو ٻيو ڇيڙو بہ آهي) مهاباهو يوگيشور ! توهانجا گهڻا مُکَ ۽ گهڻن پيٽن وارا. انيڪ تڪين ڏاڍن وارا مهان روپ کي ڏسي سڀ لوڳ وياڪل ٿي رهيا آهن ۽ مان بہ وياڪل ٿي رهيو آهيان. هاڻي ارجن کي ڪجهہ ڀوءِ ٿي رهيو آهي تہ شري ڪرشن ايڏو مهان آهي.

नभःस्पृशं दीप्तमनेकवर्णं
व्यात्ताननं दीप्तविशालनेत्रम्।
दृष्ट्वा हि त्वां प्रव्यथितान्तरात्मा
धृतिं न विन्दामि शमं च विष्णो।।२४।।

نَڀَسپرشَمِ دِيپتَمَنيڪوَرڻمِ
وِياتانَنَمِ ديپتوشال نيترم ।
دِرِشٽوا هي ٽُوامِ پرَوِيَٿتانِترا تما
ڌِرِتمِ نَ وِندامي شَمَمِ چہ وِشڻو ।। (٢٤)

وِشوَ ۾ هرهنڌ اڏوُ روپ ۾ وياپت هي وشڻو! آڪاس کي ڇهندڙ پرڪاش مان، انيڪ روپن سان ڀريل، ڦهلايل مُکہ ۽ پرڪاشمان وشال نيترن سان ڀرپور توهان کي ڏسي وشيش، خاص روپ سان ڊنل انتهڪرڻ وارو مان ڌيرج ۽ من جي سماڌان روپي شانتي کي نٿو پائي سگهان.

दंष्ट्राकरालानि च ते मुखानि
दृष्ट्वैव कालानलसन्निभानि।
दिशो न जाने न लभे च शर्म
प्रसीद देवेश जगन्निवास।।२५।।

دَرِشٽرا ڪرالانِ چہ تِ مکاني
دِرِشٽئيوَ ڪالا نَلَسَنِياني ।
دِشو نہ جاني نہ ليي چہ شَرمَ
پرَسيدَ ديويشَ جگنواس ।। (٢٥)

توهان جي خوفناڪ ۽ ڪالا اگني (ڪال جي لاءِ بہ اگني آهي پرماتما) جي سمان ڀڪندڙ مُکَنِ کي ڏسي مان طرفن کي نٿو ڄاڻي سگهان. چوطرف پرڪاش ڏسي، طرف جو ڀرم ٿي رهيو آهي. توهانجو هي روپ ڏسي مونکي سک بہ نہ ملي رهيو آهي.هي ديويش، هي جگنواس ! توهين پرسن ٿيو.

अमी च त्वां धृतराष्ट्रस्य पुत्राः
सर्वे सहैवावनिपालसङ्घैः।
भीष्मो द्रोणः सूतपुत्रस्तथासौ
सहास्मदीयैरपि योधमुख्यैः ।।२६ ।।

اَمي چَہ تُوامِ ڌِرتِراشِٽرَسيَہ پُترِاھہ
سَروي سَههئيواوَنِپا لسنگهيي هَہ ا
ڀيشمو دِروڻَهہ سوُتَپُترَستٿا سَئوُ
سَهاسِمَدِيِيَئيرپي يوڌمُکِيَئي هَہ ١١ (٢٦)

هي سڀ ڌرتراشتر جا پٽ راجائن جي ميڙ سهت توهان ۾ پرويش ڪري رهيا آهن ۽ ڀيشم پتامهہ، دِروڻاچاريہ ۽ هو ڪَرَڻُ (جنهن ڪان ارجن ڏاڍو ڊنل هو، اُهو ڪَرَڻُ) ۽ اسانجي طرف جا بہ پرڌان يوڌن سميت سڀ جا سڀ

वक्त्राणि ते त्वमाणा विशन्ति
दंष्ट्राकरालानि भयानकानि।
केचिद्विलग्ना दशनान्तरेषु
सन्दृश्यन्ते चूर्णितैरुत्तमाङ्गैः ।।२७।।

وِڪتراڻي تي تُوَرماڻا وِشَنِتي
دَنِشٽراڪرالاني ڀَيانَڪانِ ا
ڪيچِدِوَلَگنا دَشا نانِتَريشوُ
سَنِدِرِشيَنِتي چوُرِتيِتَئيرُتَماوَگئيهہ ١١ (٢٧)

تکي رفتار سان توهانجي وڪرال ڏاڻن وارا ڀيانڪ مکَنِ ۾

پرويش ڪري رهيا آهن ۽ اُن ۾ بہ ڪيترائي چورڻ ٽيل سِرَن سهت توهانجي ڏندن جي وچ ۾ لڳل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هو ڪهڙي زور واري رفتار سان داخل ٿي رهيا آهن؟ هاڻي اُنهن جي رفتار ڏسون.

यथा नदीनां बहवोऽम्बुवेगाः समुद्रमेवाभिमुखा द्रवन्ति।
तथा तयामी नरलोकवीरा विशन्ति वक्त्राण्यभिविज्वलन्ति।।२८।।

يَٿا نَدِينامِ بَهووَمبُويگاها
سَمُدِرَ ميوابِيمُکا دِرَوَنتي ا
تٿا توامي نَرَلوڪويرا
وِشَنطِي وَڪتِراڻِيَبِيو جوَلَنتي ١١ (٢٨)

جيئن ندين جا گهڻائي جل پرواهہ (پاڻي ۾ وڪرال هوندي بہ) سمندر جي طرف ڊوڙن ٿا، سمندر ۾ پرويش ڪن ٿا. ٺيڪ اهڙي طرح هوُ سوروير توهانجي ٻرندڙ مُکَنِ ۾ پرويش ڪري رهيا آهن. ارٿات هو پاڻ ۾ سوروير تہ آهن، پر توهين سمندر وانگر آهيو توهانجي سامهون هنن جو ٻل تمام ٿورو آهي، هو ڇا جي لاءِ ۽ ڪهڙي طرح پرويش ڪري رهيا آهن؟ ان لاءِ مثال موجود آهي.

यथा प्रदीप्तं ज्वलनं पतङ्गा
विशन्ति नाशाय समृद्धवेगाः।
तथैव नाशाय विशन्ति लोका-
स्तवापि वक्त्राणि समृद्धवेगाः।।२९।।

يَٿاپِرَدِيپتَمِ جولَنَمِ پَتننگا
وِشَنتي ناشايہ سَمِرِڌويگاها ا
تَٿَئِيوَ ناشايہ وِشَنِتي لوڪا
سِتَواپِي وَڪتِراڻِي سَمِرِڌويگاها ١١ (٢٩)

جيئن پتنگ نشت ٿيڻ جي لاءِ ٻرندڙ اگنيءَ ۾ تمام تکڙي رفتار سان پرويش ڪندو آهي، تيئن هي سڀ پراڻي بہ پنهنجي ناس جي لاءِ توهانجي مُکَن ۾ تمام وڏي ويگ سان پرويش ڪري رهيا آهن.

लेलिह्यसे ग्रसमानः समन्ता–
ल्लोकान्समग्रान्वदनैर्ज्वलद्भिः ।
तेजोभिरापूर्य जगत्समग्रं
भासस्तवोग्राः प्रतपन्ति विष्णो ।।३० ।।

ليلِهيسي گِرَسمانَهہ سَمَنتا
لِوڪانِسَمَگِرانِوَدَنَئيرِ جوَلَدِڀِهہ
تيجوڀيراپوريہ جَگَتِسَمِگَرَم
ڀاسَسِتَووگراها پِرَتَپَنتي وشڻو !! (٣٠)

توهين اهن سيني لوڪن کي ٻرندڙ مَکَنِ دواران سڀ طرف کان ڳرڪائي چَٽي رهيا آهيو، اُنهنجو سواد وٺي رهيا آهيو. هي وياپڪشيل پرماتمَنِ ! تاتپرج اهو آهي تہ پهرين آسُري سمپد پَرَمَ تَتِوَ ۾ ولين ٿي وڃي ٿي، ان کان پوءِ دَئِوي سمپد جو ڪوئي پريوجن نٿو رهي تنهنڪري هو بہ اُن ئي سوروپ ۾ ولين ٿي وڃي ٿي، ارجن ڏٺو تہ ڪؤرو پکش جلدي پنهنجي طرف جا يوڌا شري ڪرشن جي مُکَ ۾ ولين ٿيندا ٿا وڃن. هن پڇيو

आख्याहि मे को भवानुग्ररूपो
नमोऽस्तु ते देववर प्रसीद ।
विज्ञातुमिच्छामि भवन्तमाद्यं
न हि प्रजानामि तव प्रवृत्तिम् ।।३१ ।।

آکياهي مي ڪو ڀوانوُگِرَهَروپو
نَموسِتوُ تي ديوور پِرَسيد ا

وَ گيا تُمِڇامي ڀونتَمادِيَمِ
نَہ هي پِرجانامي تَوَپِرَوِرتِمِ ।। (٣١)

مونکي ٻڌايو تہ ڀينکر آڪار وارا توهين ڪير آهيو؟ هي ديون ۾ سريشٽ! توهان کي نمسڪار آهي، توهين پرسن ٿيو. آدي سوروپ ! مان توهان کي چڱيءَ طرح ڄاڻڻ چاهيان ٿو (جيئن تہ توهين ڪير آهيو.) ڇا ڪاڻ ته ڪرڻ چاهيو، ڇاڪاڻ توهانجي پرورتي ارٿات چيشٽا کي نہ سمجهي سگهيو آهيان. اُن تي يوگيشور شري ڪرشن چون ٿا.

श्रीभगवानुवाच
कालोऽस्मि लोकक्षयकृत्प्रवृद्धो
लोकान्समासर्तुमिह प्रवृत्तः ।
ऋतेऽपि त्वां न भविष्यन्ति सर्वे
येऽवस्थिताः प्रत्यनीकेषु योधाः ।।३२ ।।

شري ڀڳوان اُواچ
ڪالوسمي لوڪڪشيڪِرتِپرَوِرڌو
لوڪانِسَماهَرتوَمِهَہ پِرَوِرتَهَہ ।
رِتي پي تُوامِ نَہ ڀَوِشيَنتي سَروي
يي وَسٿتاها پِرتِيَنيڪشوُ يوڌاها ।। (٣٢)

ارجن! مان لوڪن کي ناس ڪرڻ وارو مها ڪال آهيان. ۽ اُن وقت هنن لوڪن کي نشٽ ڪرڻ لاءِ پرورت ٿيو آهيان. هرهڪ پڪش جي سينا ۾ استٿت جيترا يوڌا آهن هو سڀ توکانسواءِ بہ نہ رهندا، هو جيئرا ڪونہ بچندا ان لاءِ پرورت ٿيو آهيان.

तस्मात्त्वमुत्तिष्ठ यशो लभस्व
जित्वा शत्रून्मुङ्क्ष्व राज्यं समुद्धम् ।
मयैवैते निहताः पूर्वमेव
निमित्तमात्रं भव सव्यसाचिन् ।।३३ ।।

تَسِماتُوَمُتِشِٺَ يَشو لَڀَسوَ
جِتوا شَترُونيُڱِڪشوَ راجِيَمِ سَمِرڌِمِ ।
مَيئيو مئيتي نِهَتاهَ پوروَمِوَ
نِمِتِماتِرَمِ ڀَوَ سَوِيَساچِنِ ।। (٣٣)

ان ڪري ارجن ! تون يڌ جي لاءِ اُٿي کڙو ٿيءُ، يَشُ پراپت ڪر. شترن کي جيت، سمرڌي سمپن راڄ کي ڀوڳ. هي سڀ سورويرَ منهنجي دوارا پهرين ئي ماريا ويا آهن. سَهوِساچِنِ ! تون فقط نِمِتِ ماتر بڻج.

گهڻو ڪري سيني هنڌ شري ڪرشڻ چيو آهي ته پرماتما نه پاڻ ڪجهه ڪري ٿو، نه ڪرائي ٿو، نه وجهه ئي جوڙي ٿو؛ موهه واري ٻڌيءَ سبب لوڪ چون ٿا ته پرماتما ڪرائي ٿو. پر هتي هو پاڻ ڏونڪو وڄائي اُٿي ٿو بيهي ته ارجن! ڪرڻ ڌرڻ وارو ته مان ئي آهيان. منهنجي دوارا هي پهرين ئي مئل آهن. تون اُٿي کڙو ٿيءُ يَشُ پراپت ڪر، ائين ان ڪري آهي ته ”سڀو ڪيول ڀڳتنهِ هِتَ لاڳي!“ ارجن اُن اوسٿا کي پراپت ڪري چڪو هو ته ڀڳوان پاڻ هٿ ٺوڪي اُٿي بيهي رهيو.

انوُ راڳه (پيار ۽ موهه) ئي ارجن آهي. انوراڳي لاءِ ڀڳوان هميشه موجود آهي، اُنهن جو ڪرتا آهي، رَٿي(ڪوچوان) بڻجي وڃي ٿو.

هتي گيتا ۾ ٽي پيرا سامراجيه جو وشيه آيو. پهرئين ارجن لڙڻ نٿي چاهيو. هن چيو ته پرٿوي جو ڌن ڌانيه سمپن اڪاهه سامراجيه ۽ ديوتائن جو سواميپڻو يا ٽن لوڪن جو راڄ ۾ به مان اُن اُپاءَ کي نٿو ڏسان، جو اندرين جي سُڪائڻ واري هن شوڪ کي دور ڪري سگهي . جڏهن پيڙا ٻٽي ئي رهندي، ته اسان کي نه کپي. يوگيشور چيو- جي هن يُڌِ ۾ هارائيندين ته

ديوتو ۽ جيتڻ تي مهاراج جي اسٿتي ملندي ۽ هتي يارهين اڌياءَ ۾ چون ٿا تہ هي شترو منهنجي دواران ئي ماريا ويا آهن. تون نِمت ماتر بڻجي وڃ، جَسُ پراپت ڪر ۽ ڦلئي ڦولي راڄ ڪي ماڻ. وري ان ئي ڳالهہ ڪان ارجن گهبرائي ٿو، جنهن سان هو شوڪ مٽائڻ جي راهہ نٿو ڏسي، ڇا شري ڪرشن وري بہ اهو ئي راڄ ڏيندا؟ نہ، حقيقت ۾ وڪارن جي انت سان گڏو گڏ پرماتم سوروپ جي اسٿتي ئي سچ پچ ڏن آهي، آتم ڏن آهي جو استر سمپتي آهي. جنهنجو ڪڏهن ناس نٿو ٿئي، راجہ يوگہ جو ڦل آهي.

द्रोणं च भीष्मं च जयद्रथं च
कर्णं तथान्यानपि योधवीरान्।
मया हतांस्त्वं जहि मा व्यथिष्ठा
युध्यस्व जेतासि रणे सपत्नान्।।३४।।

”دِروڻَم چہَ ڀِيشمَم چہَ جَيَدرَ ٿَم چہَ-
ڪَرَڻَم تَٿانِيانِپِي يوڌَ وِيرانِ ا
مَيا هَتا نِستُوَم جَهما وِيَٿِشٺا-
يُڌِيَسوَ جيتاسِي رَڻي سَپَتنانِ اا (٣٤)

اِن دروڻ، ڀيشم، جيدرٿ ۽ ڪَرَڻ ۽ ان طرح ٻيا بہ گهڻا منهنجي دواران ماريا ويا. شوروير يوڌن کي تون مار، ڊيڄارين. لڙائيءَ ۾ ويرين ڪي تون پڪ جيتيندين ان ڪري يڌ ڪر. هِتي بہ يوگيشور چيو تہ هي سڀ منهنجي دواران ماريا ويا آهن. انهن مئلن کي تون مارِ. ظاهر ڪيائين تہ مان ڪرتا آهيان جڏهن تہ پنجين اڌياءَ جي ١٣، ١٤ ۽ ١٥ اشلوڪن ۾ هُنن چيو هو-

ڀڳوان اڪرتا آهن. ارڙهين اڌياءَ ۾ هو چون ٿا تہ شڀ يا اشڀ هر هڪ ڪاريہ ۾ پنج ذريعا آهن- (قائم آڌار ڪرتا،

ڪَرڻ، ڪوشش ڪرڻ ۽ ڀڳوان. جيڪي چون ٿا شڌ سوروپ پرماتما ڪن ٿا اُهي اوويڪي آهن، سچ نٿا ڄاڻن معنيٰ ڀڳوان نٿو ڪري. اهڙو وروڌي آياس ڇو؟

حقيقت ۾ پرڪرتي ۽ اُن پرماتم پرش جي وچ ۾ هڪ حد جي ريکا آهي. جيستائين پرڪرتي جي پرماڻن جو دٻاءُ وڌيڪ رهي ٿو، تيستائين مايا اُتساهه ڏيندي آهي ۽ جڏهن ساڌڪ اُن کان مٿي چڙهندو آهي، ايشور، اشٽ يا ستگرو جي ڪاريه کيتر ۾ پرويش پراپت ڪري وٺندو آهي، اُن کان پوءِ ستگرو اشٽ (ياد رهي اُتساهه ڏيندڙ جي اسٿان تي ستگرو، پرماتما، اشٽ، ڀڳوان سم ارٿي، ساڳي معنيٰ وارا آهن. ڪجهه به چَون، چوندو ڀڳوان ئي آهي. هردي ۾ رَٿي ٿي ويندو آهي، آتما مان جاڳ رت ٿي اُن انوراڳي ساڌڪ جي پاڻ راهه ۾ رهبري ڪرڻ لڳندو آهي.

پوجيه مهاراج جي چوندا هئا-” اڙي پرماتما جي اسان کي چاهه آهي، جنهن سطح تي اسين بيٺا آهيون، اُن سطح تي پاڻلهي جيستائين آتما جاڳرت نٿو ٿئي. تيستائين صحيح ماترا ۾ ساڌن جي شروعات نٿي ٿئي. اُن کان پوءِ ڪجهه ساڌڪ کان پار لڳندو آهي، اُها ان جي دين آهي. ساڌڪ ته نمت ماتر ٿي اُن جي اشاري ۽ حڪم تي هلندو ئي رهندو آهي. ساڌڪ جي وجيه، سوڀ اُنجي دين آهي. اهڙي انورگي جي لاءِ ايشور پنهنجي درشٽيءَ سان ڏسندو آهي، ڏيکاري ٿو پنهنجي سروپ تائين پهچائي ٿو.“ شري ڪرشن چون ٿا ته منهنجي دواران ماريل انهن ويرين کي مار. پڪ ئي پڪ تنهنجي وجيه ٿيندي، مان جو بيٺو آهيان.

सञ्जय उवाच
एतच्छ्रुत्वा वचनं केशवस्य
कृताञ्जलिर्वेपमानः किरीटी।
नमस्कृत्वा भूय एवाह कृष्णं
सगद्गदं भीतभीतः प्रणम्य।।३५।।

سنجيہ اُواچ
''ايتڇُتِوا وَچنَمِ ڪيشَوَ سِيہَ-
ڪِرتانجلِيس، ويپمانَہ ڪِريٽِي ا
نَمَسڪِرِ تِوا ڀويہَ ايواھ ڪِرِشڻَمِ
شَڳَدِڳَ دَمِ ڀيتڀيتِہ پِرَڻامِيہَ اا (٣٥)

سنجيہ چيو - (جيڪو ڪجھ ارجن ڏٺو، تيڪ ائين ئي سنجيہ ڏٺو آهي. اڳيان سان ڏکيل من ئي انڌو ڌتراشٽر آهي: اهڙو من بہ سنيم جي ذريعي چڱيءَ طرح ڏسي ٿو، ٻڌي ٿو، سمجهي ٿو، ڪيشو جي مٿين وچنن کي ٻڌي مٽڪ ڌاري ارجن ڏڄي ڏڄي ڏڪندي ڪنبندي هٿ جوڙي نمسڪار ڪري وري شري ڪرشن سان ڳد ڳد واڻيءَ سان ئي ڳالهايو.

अर्जुन उवाच
स्थाने हृषीकेश तव प्रकीर्त्या
जगत्प्रहृष्यत्यनुरज्यते च।
रक्षांसि भीतानि दिशो द्रवन्ति
सर्वे नमस्यन्ति च सिद्धसङ्घाः।।३६।।

ارجن اُواچ
سِٿاني رِشيڪيشَ تَوَ پِرَڪيرتيا-
جڳَتپِرَ هَرِ شِيَتينُر جيَتي چہَ ا
رَڪشانِسِي ڀيتانِ دِشو دِرَوَنِتِ-
سَروي نَمَسِيَنِتِي سِڌَ سنگهاهَ اا (٣٦)

هي انتر يامن رشيڪيش ! هيءُ صحيح ئي آهي تہ

توهانجي ڪيرتيءَ سان سنسار خوش ٿئي ٿو ۽ انوراڳ کي پراپت ٿئي ٿو. توهانجي ئي مهما سان ڊڄندڙ راڪشس ڇوڌاري، چوطرفن ۾ ڀڄندا آهن ۽ سڀ سِڌ ڳڻن جو ميڙ توهانجي مهما کي ڏسي نمسڪار ڪن ٿا.

कस्माच्च ते न नमेरन्महात्मन्
गरीयसे ब्रह्मणोऽप्यादिकर्त्रे।
अनन्त देवेश जगन्निवास
त्वमक्षरं सदसत्तत्परं यत् ।।३७ ।।

”ڪَسماچَ تي نہَ نَمينرَ نِمَها تِمَنہِ-
گريِيَسي بِرَهمَڻو پِيا دڪِرتِري ا
اَنَنَت ديو يشَ جَڳننوا سِ-
تِوَمَڪِشَرَمِ سَدَ سَتِتِپِرَمِ يَت اا (٣٧)

هي مهاتمن ! برهما جو بہ آدي ڪرتا ۽ سڀ کان وڏا توهانجي لاءِ هو سڀ ڪيئن نمسڪار نہ ڪن، ڇو جو هي اننت ! هي ديويشي، هي جڳنِنواس ! سَتِ، اَسِتِ ۽ اُن کان بہ پري اڪشر ارٿات اڪشيہ سوروپ توهين ئي آهيو. ارجن اڪشيہ سروپ جو ظاهر درشن ڪيو هو. فقط بڌيءَ جي سطح تي ڪلپنا ڪرڻ يا مڃڻ ماتر سان ڪائي اهڙي استتي نٿي ملي، جو اڪشيہ آهي. ارجن جو ظاهري درشن هنجي اندر جي انوڀوتي آهي. هن نمرتا سان چيو-

त्वमादिदेवः पुरुषः पुराण–
स्त्वमस्य विश्वस्य परं निधानम्।
वेत्तासि वेद्यं च परं च धाम
त्वया ततं विश्वमनन्तरूप ।।३८ ।।

”تِو مادِ دِيوَهہ پُرَشهہَ پُراڻ-

سِتوَ مِسيہ وِشوَسيہَ پَرَمَم نڌانَمِ ا
ويتاسِي ويدِيَمِ چہَ پَرَمِ چہَ ڌامِ -
تو يا تَتَمِ وِشوَ مَنِنتَروُپ ا ا'' (٣٨)

توهين آدي ديو ۽ سناتن پرش آهيو. توهين هن جڳت جا پرم آڌار ۽ ڄاڻڻ وارا آهيو، ڄاڻڻ يوگيہ آهيو ۽ پرم ڌام آهيو. هي اننت سروپ ! توهان کان هي سمپورڻ جڳت وياپت آهي. توهين سڀ ڪجهہ آهيو.

वायुर्यमोऽग्निर्वरुणः शशाङ्कः
प्रजापतिस्त्वं प्रपितामहश्च।
नमो नमस्तेऽस्तु सहस्रकृत्वः
पुनश्च भूयोऽपि नमो नमस्ते ।।३९।।

''وايورِ يمو گِنَرِ وَ روُڻهہ شَشا نِڪهہ -
پِرَجا پَتِسِتُوَ مِ پِرَ پتا مَهَشِچہ ا
نَمو نَمَستيسِتوُ سهِسرَ ڪِرتيوَهہ-''
پُنَشَچِيوُ يو پِي نَمو نَمَستي ا ا (٣٩)

توهين ئي وايو، يمراج، اگني، سمنڊ، چندرما ۽ پرجا جا سوامي برهما ۽ برهما جا بہ پتا آهيو. توهانکي هزارين وار نمسڪار آهي. وري بہ وار وار نمسڪار آهي. بيحد شرڌا ۽ ڀڳتي سبب نَمَڻ ڪندي ارجن کي ترپتي نہ ٿي رهي هئي.

नमः पुरस्तादथ पृष्ठतस्ते
नमोऽस्तु ते सर्वत एव सर्व।
अनन्तवीर्यामितविक्रमस्त्वं
सर्वं समाप्नोषि ततोऽसि सर्वः ।।४०।।

''نَمَهہ پُرِستا دَٿ پِرِشٽَنَستي -
نَمو سِتوُتي سَرِوَت ايوَ سَروَ ا
انَنتَو يرِ يا مِتوِ ڪِرَمَ سِتُوَمِ -

سَروي سَماپنوشي تتوسي سَروَهہ ا ا (۴۰)

هي اتينت سامرٿيہ وارا ! توهانکي اڳيان ۽ پنيان کان بہ نمسکار آهي. هي سَرواتمن ! توهان کي سڀني طرفن کان نمسکار آهي، ڇاڪاڻ هي اتينت پراڪرم شالي! توهين سڀني پاسي سنسار کي وياپت ڪري رهيا آهيو، تنهن ڪري توهين ئي سَروَ روپ ۽ هر هنڌ آهيو. ان طرح وري وري نمسڪار ڪري ڏنل ارجن پنهنجي چوڪن جي معافي لاءِ ٻاڏائي ٿو.

सखेति मत्वा प्रसभं यदुक्तं
हे कृष्ण हे यादव हे सखेति।
अजानता महिमानं तवेदं
मया प्रमादात्प्रणयेन वापि ।।४१ ।।

سَکيتي مَتوا پرَسڀَم يَدُڪتَم
هي ڪرشڻ هي يادوَ، هي سکيتي ا
اجانَتا مَهِمانَم تَويدَم
مَيا پرَمادات پرَڻييَن واپي ا ا (۴۱)

توهانجي هن پرڀاوَ کي نہ ڄاڻندي توهانکي سکا، متر ، سمجهي، مون منهنجي دواران پريم يا غلطي ۾ پيل وچان بہ هي ڪرشن، هي يادوَ، هي سکا ان طرح جو ڪجهہ هٺ مان چيو آهي تنهن ڪري:

यच्चावहासार्थमसत्कृतोऽसि
विहारशय्यासनभोजनेषु।
एकोऽथवाप्यच्युत तत्समक्षं
तत्क्षामये त्वामहमप्रमेयम् ।।४२ ।।

يَچاوَها سارٿمَسَتڪِر توسي
وِهارَ شَيياسَنَيو جنيشوَ ا

ايڪو ٿوا پيَچيُتَ تَتِسَمَڪِشَمِ
تَتِڪِشا مَيي تُوامَهپِرَمييَمِ ।। (۴۲)

هي اڇُيَت! جو توهان سان کلڻ جي لاءِ وهار، سمهڻ آسن ۽ ڀوڄن وغيره اڪيلي يا اُنهن ماڻهن جي سامهون به توهانجو اپمان ٿيو هجي، اُهي سڀ اپراڌ بنا سمجهه، بنا ڪنهن خيال جي ڪيا آهن، اُنهن لاءِ مان معافي طلب آهيان. ڪهڙي طرح معافي ڏئي؟

पितासि लोकस्य चराचरस्य
त्वमस्य पूज्यश्च गुरुर्गरीयान्।
न त्वत्समोऽस्त्यभ्यधिकः कुतोऽन्यो
लोकत्रयेऽप्यप्रतिमप्रभाव ।।४३।।

پِتاسي لوڪسيہ چَراچَرَسيہ
تِوَمَسيہَ پوُجيَشچہ گُرُوَرگَرييانِ ।
نہَ تِوَتِسَمو سِتيَڀِ يَڌِڪَهہ ڪُتونيو
لوڪَترَ ييپِيَپِرَ تيمَپرَياوَ ।। (۴۳)

توهين هن چراچر جڳت جا پتا گروءَ کان به مهان گرو ۽ پوڄنيہ آهيو. جنهن جي ڪائي برابري نہ آهي پيٽ نہ آهي. اهڙي اپِرَتِمَ پرڀاوَ وارو ! توهانجي سمان ٽنهي لوڪن ۾ ٻيو ڪوئي نہ آهي، پوءِ توهان کان وڌيڪ ڪيئن هوندو؟ توهين سَکا (مِترَ) به نہ آهيو سَکا تہ پاڻ جهڙو ٿيندو آهي.

तस्मात्प्रणम्य प्रणिधाय कायं
प्रसादये त्वामहमीशमीड्यम्।
पितेव पुत्रस्य सखेय सख्युः
प्रियः प्रियायार्हसि देव सोढुम् ।।४४।।

تَسِماتِپرَ ڻَميہَ پرَڻيڌايہ ڪايَمِ

پرَسادَيي تِوا مَهَميشميڊِ يَمِ ا
پتيوَ پُترَسيَہ سَکيوَ سَکِيُهَہ
پرَيَهہ پرِياياِرِهَسي ديوَ سوڊُمِ ۱۱ (۴۴)

توهين چراچر جا پتا آهيو، تنهنڪري مان پنهنجي شرير کي چڱيءَ طرح توهانجي چرڻن ۾ رکي، پرنام ڪري، اُستتي ڪرڻ يوڳيہ توهان ايشور کي پرسن ٿيڻ لاءِ پرارٿنا ڪريان ٿو.

هيديو! پتا جيئن پُٽ جا، سکا (متر)جيئن سکا (مِتِر) جا ۽ پتي جيئن پريہ پتنيءَ جي اپراڌن کي معاف ڪري ٿو، تيئن توهين بہ منهنجن اپراڌان کي سهن ڪرڻ يوڳ يہ آهيو. اپراڌ ڪهڙو آهي؟ اسان ڪڏهن هي يادوَ! هي سکا! هي ڪرشڻ چيو هو. ڇا ڪرشڻ چوڻ اپراڌ آهي؟ ڪارا تہ آهيو ئي سهڻو ڪيئن چيا ويندا ؟ يادوَ چوڻ بہ اپراڌ ڪونہ هو؛ ڇاڪاڻ تہ يَدو ڪُل ۾ تہ جنم ٿيو ئي هو. سکا چوڻ بہ اپراڌڪونہ هو، ڇو جو ڪرشڻ پاڻ بہ ارجن جو سکا مڃي ٿو. جڏهن ڪرشڻ چوڻ اپراڌ ئي هو، هڪ ڀيرو ڪرشڻ چوڻ جي ڪري ارجن اننت ڀيرا گڙگڙائي معافي گهُري رهيو آهي، تہ ڄَپ ڪنهنجو ڪريون؟ نالو ڪهڙو کڻون؟

حقيقت ۾ چنتن جو جيڪو وڌان پاڻ يوڳيشور شري ڪرشڻ ٻڌايو آهي، ائين ئي توهين ڪريو. هنن پوءِ ٻڌايو، ”اومتِيي ڪا اکشررم برهم وِياهَرَن مامَنوُ سِمرَنِ“ ارجن ! ”اوم“ بس ايتري ئي اکشيہ برهم جي سڃاڻپ آهي، ان جو تون جپ ڪر ۽ منهنجو ڌيان ڌر. ڇاڪاڻ تہ اُن پرم پاوَ ۾ پرويش ملڻ کان پوءِ اُن مهاپرش جو بہ اهوئي نالو آهي، جو اُن اويڪت جي سڃاڻپ آهي. پرياوَ ڏسڻ تي ارجن کي لڳو تہ هي نہ تہ ڪارو آهن نہ سندر، نہ سکا آهي، نہ يادوَ! هيءُ تہ اکشيہ برهم جي اسٿتي وارا مهاتما آهن.

سچي گيتا ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ پنج دفعا اوم جي اُچارڻ تي زور ڏنو. هاڻي جيڪڏهن توهانکي جَپُ ڪرڻو آهي، تہ ڪرشن ڪرشن نہ چئي اوم جو ئي جپ ڪريو. ڳ هٺو ڪري پاوَڪ لوڪ ڪونہ ڪو رستوڪڍي وٺندا آهن. ڪو اوم جپڻ جي اڏڪار ۽ اڏڪار نہ هئڻ جي چرچا سان ٻڌل آهن، تہ ڪي وري مهاتمائن جي ڏُهائي ڏين ٿا يا ڪوئي شري ڪرشڻ ئي نہ اُن کان پهرين راڌا ۽ گوپين جو نالو بہ اُنهن جي تڪڙي پرسنتا جي لوپ ۾ جپي ٿو. پُرشُ شرڌامَيہ آهي ان ڪري اُنجو اهڙو جپڻ ماتر پاوُڪتا آهي. جيڪڏهن توهين سچ پچ پاوُڪ آهيو؛ تہ هنجي آگيا جو پالن ڪريو. هو اويڪت ۾ استٿ هوندي بہ اڄ توهانجي سامهون ڪونهي ليڪن اُنهن جي واڻي توهانجي سامهون آهي، ويجهو آهي. هنن جي آگيا جو پالن ڪريو نہ تہ تہ توهين ئي ٻڌايو تہ گيتا ۾ توهانجو ڪهڙو آستان آهي؟ ايترو ضرور آهي تہ ”اڊِيپيشيَتي چَہ يَہ اِمَمِ شرڌاوان نَسوُيَشچہ شِرِٹوُيادَپي يونَرَهہ ا“ جيڪو اپياس ڪري ٿو، ٻڌي ٿو، اهو ڳ يان ۽ يگيہ ڪي جاڻي ٿو، شُبِ لوڪن کي پائي وڃي ٿو. هاڻِي اپياس ضرور ڪريو. پراڻ-اَپان جي چنتن ۾ ”ڪرشڻ“ نالي جو سلسلو پڪڙ ۾ نٿو اچي. گهڻائي ماڻهو خالي پاوَڪتاوش راڌي راڌي چوڻ لڳا آهن. اڄڪلهہ اڏڪارين کان ڪم نہ ٿيڻ تي اُنهن کي مٿن مائٽن سان، پريمي يا پتنيءَ سان ”سورس“ لڳائي ڪم پتائڻ جي پرمپرا آهي. ماڻهوُ سوچين ٿا تہ شايد ڀڳوان جي گهر ۾ ائين هلندو هوندو، هاڻي اُنهن ”ڪرشڻ“ چوڻ بند ڪري ”راڌي - راڌي“ چوڻ شروع ڪيو آهي. هو چون ٿا، ”راڌي راڌي! شيام ملادي“! راڌا هڪ دفعو وچڙي تہ پاڻ شيام سان نہ ملي سگهي، هوءَ توهانکي ڪيئن ملائي؟ هاڻي

ٻئي ڪنهنجو چوڻ نہ مڃي شري ڪرشڻ جي حڪم ڪي، آگيا ڪي، اکر اکر ڪري مڃيو، اوم جو جاپ ڪريون. ها! ايستائين ٺيڪ آهي تہ راڌا اسانجو آدرش آهي. اوتري ئي لگن سان اسانکي بہ لڳڻ گهرجي. جيڪڏهن پائٽو آهي، تہ راڌا وانگر وِرَهِي ٿيڻو آهي.

پهرين بہ ارجن ”ڪرشڻ“ چيو. ”ڪرشڻ“ هنن جو مشهور نالو هو. ائين تہ گهڻيئي نالا هئا، جيئن گوپال. گ هڻائي ساڏڪ گرو - گرو يا گروءَ جو مشهور نالو پاوَ جي وس جيڻ چاهين ٿا؛ پر پراپتي کان پوءِ هرهڪ مهاپرش جو اُهوئي نالو آهي، جنهن اويڪت ۾ هو استت آهي. گهڻيئي شش سوال ڪندا آهن گرديو! جڏهن ڏيان توهانجو ٿا ڪريون تہ پراڻو نالو ”اوم“ وغيره چو جپيون، ”گرو-گرو“ يا ”ڪرشڻ ڪرشڻ“ چو نہ چئون. پر هتي يوگيشور صاف ڪيو، ظاهر ڪيو تہ اويڪت سوروپ ۾ ملڻ سان گڏ مهاپرش جو بہ اُهوئي نام آهي جنهن ۾ هو استت آهي. ”ڪرشڻ“ ڪوئڻ جو نالو هو، جپڻ جو نام نہ. يوگيشور شري ڪرشن کان ارجن پنهنجي اپراڌن جي لاءِ معافي جي ياچنا (طلب) ڪئي، هنن کي سپاويڪ روپ ۾ اچڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. شري ڪرشن مڃي ويو، سهج ٿي ويو معنيٰ هن کي معاف بہ ڪري ڇڏيائين. هن وينتي ڪئي.

अदृष्टपूर्वं हृषितोऽस्मि दृष्टवा
भयेन च प्रव्यथितं मनो मे।
तदेव मे दर्शय देवरूपं
प्रसीद देवेश जगन्निवास ।।४५।।

اَدِرِشٽپورِ وم هَرِشتوسِمِ دِرِشِٽوا
ڀَيينَ چہ پِرَ وِيَٿِتَمِ مَنومي ا
تَديوَمي دَرِشيہ ديوروُپَمِ

پِرَسِيدَ ديويشَ جَڳَنِنواس ١١ (٤٥)

اڃا تائين ارجن جي سامهون يوگيشور وِشوَ روپ ۾ آهي. هاڻي هو چوي ٿو تہ مان پهرين نہ ڏٺل توهانجي هن آشچريہ‌ميہ عجب روپ کي ڏسي خوش ٿي رهيو آهيان ۽ منهنجو من ڊپ کان ڏاڍو وياڪل بہ ٿي رهيو آهي. پهرين تہ سکا سمجهندو هوس، ڏنش وديا ۾ ڪڏهن پاڻ کي ڪجهہ اڳيان ئي سمجهندو هوس، پر هاڻي توهانجو پرياءُ ڏسي ڊڄي رهيو آهيان. اڳئين اڏياءَ ۾ پرياوُ ٻڌي پاڻ کي گياني ٿي مڃيائين. گيانيءَ کي ڪڏهن بہ ڊپ نٿو ٿئي. حقيقت ۾ هرهڪ درشن جو اثر ئي الڳہ ٿئي ٿو. سڀ ڪجهہ ٻُڌي ۽ مڃي وڃڻ کان پوءِ بہ سڀ ڪجهہ هلي پاڻ ڄاڻڻ ئي باقي رهي ٿو. هو چوي ٿو پهرين نہ ڏٺل توهانجي هن روپ کي ڏسي مان خوش ٿي رهيو آهيان. منهنجو من ڊپ ۾ وياڪل بہ ٿي رهيو آهي هاڻي هي ديو! توهين پرسن ٿيو. هي ديويش ! هي جگننواس! توهين پنهنجي هُن روپ کي ئي ڏيکاريو. ڪهڙو روپ؟

किरीटिनं गदिनं चक्रहस्त-
मिच्छामि त्वां द्रष्टुमहं तथैव।
तेनैव रूपेण चतुर्भजेन
सहस्रबाहो भव विश्वमूर्ते ।।४६ ।।

”ڪِريٽِنَمِ گَدِنَمِ چَڪرَهَستَ
مِڇامي ٽُوامِ دِرشٽُمَمِ ٽَٿَئيوَ ا
تي نَئِيوَ روُپيڻ چَتُرِ ڀُرجيڻَ
سَهِسرَ باهويَوَ وِشوَموُرتي ١١ (٤٦)

مان توهانکي ائين ئي معنيٰ پهرئين وانگر سِرَ تي مُڪُٽَ ڌارڻ ڪيل، هٿ ۾ گدا ۽ چَڪرَ ڪنيل هجي ائين ڏسڻ ٿو چاهيان. تنهنڪري هي وشوَ روپ ! هي مهاباهو! توهين

پنهنجي اُن ڇَتُريُج سوروپ ۾ اڇو. ڪهڙو روپ ڏسڻ چاهيائين؟
چتريج روپ! هاڻي ڏسڻو آهي تہ ڇَتُريُج روپ آهي ڇا؟

श्रीभगवानुवाच
मया प्रसन्नेन तवार्जुनेदं
रूपं परं दर्शितमात्मयोगात्।
तेजोमयं विश्वमनन्तमाद्यं
यन्मे त्वदन्येन न दृष्टपूर्वम् ।।४७।।

شري ڀڳوان اُواچ
”مَيا پرَسَننيِنَ تواريُنيدَم
روپَم پَرَم دَرشِتَماتِمَيوگات ।
تيجو مَيَم وشوَ مَنَنِتَمادِيَم
يَنمي تُوَدنييِنَ نہَ دِرشِٽپوُروَم ।। (۴۷)
ان طرح ارجن جي پرارٿنا ٻُڌي شري ڪرشڻ چيو ارجن!
مون انوگرهہ پوروڪ پنهنجي يوگہ شڪتي جي پرڀاوَ سان
پنهنجو پرم تيجوميہ، سڀ جو آدي ۽ حد کان رهت وِشوَ روپ
توکي ڏيکاريو آهي، جنهن کي توکان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ پهرين
ڪونہ ڏٺو.

न वेदयज्ञाध्ययनैर्न दानै-
नं च क्रियाभिर्न तपोभिरुग्रैः।
एवंरूपः शक्य अहं नृलोके
द्रष्टुं त्वदन्येन कुरुपवीर ।।४८।।

نہَ ويدَيَڳياڌ يَيَنَئيرنَ دانَئي
نِرچہَ ڪِرياڀِن تپو ڀي رُگرئيهہ ।
اِيوَم روُپَهہ شِڪيہَ اَهم نِرلوڪي
دِرشٽُم تِوَدنييِنَ ڪُروُپِرَوير ।। (۴۸)
ارجن! هن منش لوڪ ۾ ان پرڪار وِشوَ روپ وارو مان نہ

ويد سان، نہ يگيہ سان، نہ اڀياس سان، نہ دان سان، نہ ڪِريا سان،نہ گهور تپ سان ۽ نہ توڪان سواءِ ڪنهن ٻئي ڪان ڏسڻ سَمِرٿَ آهي، ممڪن آهي ارٿات تو ڪانسواءِ هي روپ ٻيو ڪوئي ڏسي ئي نٿو سگهي. تڏهن تہ گيتا تنهنجي لاءِ بيڪار آهي. ڀڳوت درشن جون بہ يوگيتائون ارجن تائين سيمت رهجي ويون، جڏهن اڳ ۾ ٻڌائي آيا آهن تہ ارجن! راڳہ، ڀَيہَ ۽ ڪروڌ ڪان رهت اننيہ من سان منهنجي شرن آيل گهڻيئي ماڻهو گيان روپي تپ ڪان پوتر ٿي ساڪيات منهنجي سوروپ کي پراپت ٿي چڪا آهن. هتي چون ٿا توڪانسواءِ نہ ڪير ڏسي سگهيو آهي ۽ نہ آئيندهہ ۾، پوشيہ ۾ ڪير ڏسي سگهندو. هاڻي ارجن ڪير آهي؟ ڇا ڪوئي پنڊڌاري آهي؟ يا ڪوئي شرير ڌاري آهي؟ نہ حقيقت ۾ انوراڳہ ئي ارجن آهي، انوراڳہ ڪانسواءِ نہ ڪڏهن ڪوئي ڏسي سگهيو آهي ۽ نہ پويشيہ ۾ ڪڏهن ڏسندا. سيني طرفن ڪان چت سميٽي هڪ ماتر اشٽ لاءِ پورو راڳہ ئي انوراڳہ آهي. انوراڳيءَ لاءِ ئي پراپتي جو وڌان آهي.

मा ते व्यथा मा च विमूढभावो
दृष्ट्वा रूपं घोरमीदृङ्ममेदम् ।
व्यपेतभीः प्रीतमनाः पुनस्त्वं
तदेव मे रूपमिदं प्रपश्य ।।४९ ।।

ما تي وِيٿا ماچہ وِموُڍياوو
دِرِشٽوا روُپَم گهورميدِرِگمَميدَم
وِيَپيتڀيہَہ پريتمَناهہ پُنَسِتَوَم
تَديو مي روُپمِدَم پرَپَرَپَشِيہ ।। (۴۹)

اهڙي طرح سان منهنجي هن ڀيانڪروپ کي ڏسي توکي وياڪلتا نہ ٿئي ۽ موڙهہ ڀاوَ بہ نہ ٿين جو گهبرائي الڳ ٿي

وچين. هاڻي تون بنا ڊپ ۽ پريت پريل من سان اُنهي ئي منهنجي هن روپ کي معنيٰ چَترڀُج کي وري ڏس.

सञ्जय उवाच
इत्यर्जुनं वासुदेवस्तथोक्त्वा
स्वकं रूपं दर्शयामास भूयः।
आश्वासयामास च भीतमेनं
भूत्वा पुनः सौम्यवपुर्महात्मा ।।५०।।

سنجيہ اُواچ

اِتيَرجُنَمِ واسديوَ سِتَٿوڪِتوا
سِوَڪَمِ روپمِ دَرِشَياماسَ ڀوُيَهہ ا
آشِواسَياماس چَہ ڀِيتَمينَمِ
ڀوُتِوا پُنَهہ سَئوُمِيَوپورمَهاتِما اا (٥٠)

سنجيہ چيو هرهنڌ واس ڪرڻ وارو ديو اُن واسديو ارجن کي ان طرح چئي وري ائين ئي پنهنجي روپ کي ڏيکاريو. وري مهاتما شري ڪرشڻ ”سَئووميَوَپُهہ“ ارٿات پرسن ٿي ڊنل ارجن کي ڏيرج ڏنو. ارجن چيو

अर्जुन उवाच
दृष्ट्वेदं मानुषं रूपं तव सौम्यं जनार्दन।
इदानीमस्मि संवृत्तः सचेताः प्रकृतिं गतः।।५१।।

ارجن اُواچ

دِرِشٽويدَمِ مانُشَمِ روپَمِ تَوَ سَئوُمِيَمِ جناردن ا
اِدانيمَسمي سَنوِرِتَمِ سچيتاهہ پِرَڪِرتِمِ گَتَهہ اا (٥١)

جناردن ! توهانجي هن بيحد شانت منش روپ کي ڏسي هاڻي مان پرسن چت ٿيو آهيان پنهنجي سڀاوَ کي پراپت ٿي ويو آهيان. ارجن چيو هو ڀڳوان ! هاڻي توهين مونکي چَترُ ڀُج سوروپ جو درشن ڪرايو. يوگيشور ڪرايو بہ؛ پر ارجن جڏهن

ڏٺو، تہ ڇا پاتائين؟ مانُشَمِ رُوپَمِ" منش جي روپ کي ڏٺو . حقيقت ۾ پراپتي ڪان پوءِ مهاپرش ئي چترڀُڄ ۽ اننت ڀُڄ چوائيندا آهن. ٻن ٻانهن وارو مهاپرش تہ انوراگيءَ جي سامهون وينو ئي آهي؛ پر ٻيو ڪوئي پريمي ڪٿان ڪان بہ ڪوئي سمرڻ ڪري ٿو تہ اُهوئي مهاپرش اُن ياد ڪندڙ جي سڏ تي جاڳرت ٿي رَٿي ٿي اُن جو بہ مارگہ درشن ڪندو آهي. "ڀُڄا" (ٻانهون) ڪاريہ جي نشاني آهي. اُهي اندر بہ ڪم ڪن ٿا، ٻاهر بہ، اهوئي چترڀج سوروپ آهي. اُنهن جي هٿن ۾ شنک، چڪر، گ دا ۽ پَدمِ سلسلي سان سچو لکشيہ گهوش، ساڌن چڪر جو هلڻ ، اندرين جو روڪڻ ۽ نرمل نرليپ ڪاريہ جي سمرٿيءَ جي نشاني آهي. اهوئي ڪارڻ آهي تہ چترڀُڄ روپ ۾ اُنهن کي ڏسي بہ ارجن اُنهن کي منش روپ ۾ پاتو چترڀج مهاپرش جي شرير ۽ سوروپ جي ڪاريہ ڪرڻ جي وڏي وشيش جو نالو آهي، نہ تہ هو چئن هٿن وارو ڪوئي ڪرشڻ هو.

श्रीभगवानुवाच

सुदुर्दर्शमिदं रूपं दृष्टवानसि यन्मम।

देवा अप्यस्य रूपस्य नित्यं दर्शनकाङ्क्षिणः।।५२।।

شري ڀڳوان اُواچ

"سُدُرشَرِمدَمِ رُوپم دِرِشٽوانَسي يَنِمَمَ ।

ديوا اَپِيَسيَہ رُوپَسِيَہ نِتيَمِ درشنڪا ڱڪشڱهہ" ।। (۵۲)

مهاتما ڪرشڻ چيو: ارجن ! منهنجو هيءُ روپ ڏسڻ ڏاڍو درلڀ آهي، جيئن تہ تو ڏٺو آهي، ڇاڪاڻ تہ ديوتا بہ سدائين هن روپ جي درشن جي اڇا رکن ٿا. حقيقت ۾ سڀ ماڻهو سنت کي سڃاڻي ئي نہ ٿا سگهن. "پوجيہ ستسنگي مهراج" اندرين پريرڻا وارو پورڻ مهاپرش هو، پر لوڪ اُن کي پاڳل سمجهندا رهيا، ڪنهن ڪنهن پڙيہ آتما کي آڪاش واڻي ٿي

تہ هيءُ ستگرو آهن؛ فقط اُنهن هننکي هردي سان پڪڙيو، اُنهنجي سروپ کي پاتائون ۽ پنهنجي گتي پائي ورتي. اهوئي شري ڪرشن چون ٿا تہ جنهن جي هردي ۾ دئوي سمپد جاڳرت آهي، اُهي ديوتا بہ سدا هن روپ جي درشن جي تمنا رکن ٿا. تہ ڇا يگيہ، دان يا ويدن جي اڌينن سان توهان کي ڏسي سگهجي ٿو؟ هو مهاتما چون ٿا :

नाहं वैदैर्न तपसा न दानेन न चेज्यया।
शक्य एवंविधो द्रष्टुं दृष्टवानसि मां यथा।।५३।।

”ناهَمِ ويدَئيرِن تَپَسا نَہ دانينَ نہ چيجيَيا ا
شَڪيہ ايوَمِوڌو دِرِشٽُمِ دِرِشٽوانسي مامِ يَٿا ا ا (۵۳)

نہ ويدن سان، نہ تپ سان، نہ دان سان ۽ نہ يگيہ سان مان هن طرح ڏسڻ کي سولو آهيان، جنهن طرح تو ڏٺو آهي. تہ ڇا توهان کي ڏسڻ جو ڪوئي اُپاءُ ڪونهي؟ هو مهاتما چون ٿا، هڪ اُپاءُ آهي

भक्त्या त्वनन्यया शक्य अहमेवंविधोऽर्जुन।
ज्ञातुं द्रष्टुं च तत्त्वेन प्रवेष्टु च परन्तप।।५४।।

ڀَڪتيا تُوَ نَنِيَيا شَڪيہَ اَهميوَمِوڌورِ جُنَ ا
گِياتُمِ دِرِشٽُمِ چَہ تَتوينَ پرَويشٽُمِ پَرنِتَپ ا ا (۵۴)

هي سريشٽ تَپ وارا ارجن! اَنَنِيَہ ڀڳت دواران ارٿات مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن ديوتا جو سمرڻ نہ ڪندي، اَنَنِيَہ شرڌا سان تہ مان هن طرح ظاهر ڏسڻ جي لاءِ ، تَتوَ سان ساکيات چاڻڻ جي لاءِ ۽ پرويش ڪرڻ جي لاءِ بہ آسان آهيان معنيٰ هنجي پراپتي جو هڪ ماتر سولو ذريعو اَنَنِيہ ڀڳتي آهي. انت ۾ بہ اَنَنِيَہ ڀڳتيءَ ۾ گيان جي ڦل جي يوگيہ ٿي وڃي ٿو جيئن تہ اگيان اڌياءَ ستين ۾ ڏيکاريو ويو آهي. پوءِ وري هنن چيو تہ توکان سواءِ نہ ڪوئي ڏسي سگهيو آهي ۽ نہ ڪوئي ڏسي سگهندو،

جڏهن تہ هتي چون ٿا تہ اَنَنِيَہ ڀڳتيءَ سان نہ فقط مونکي ڏسي سگهجي ٿو اَپِتَ ساکيات ڄاڻڻ ۽ مون ۾ پرويش بہ پائي سگهجي ٿو، ارٿات ارجن اَنَنِيَہ ڀڳت جو نالو آهي، هڪ اوسٿا جو نالو آهي. انوراڳہ ئي ارجن آهي. موهہ ۽ پيار ئي ارجن آهي. پڇاڙيءَ ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ چون ٿا.

मत्कर्मकृन्मत्परमो मद्भक्तः सङ्गवर्जितः।
निर्वैरः सर्वभूतेषु यः स मामेति पाण्डव।।५५।।

مَتِڪَرِ مَڪِرِنِمَ تِپَرَمو مَدِ ڀَڪتَهہ سَنگوُرِجتَهہ ا
نِرِوَئيرِرَهہ سَرِوَ ڀوُتيشويَهہ ماميِت پانڊوَ اا (٥٥)

هي ارجن! جو پرش منهنجي دوارا نِڌايل ڪرم ارٿات مقرر ڪرم، يگيارٿ ڪرم ڪري ٿو. ”مَتپَرَمَهہ“ مون ڏانهن لاڙو رکي ڪري ٿو، جو منهنجو اَنَنِيَہ ڀڳت آهي، ”سَنگوَرِجتت“ پر سنگدوش ۾ رهندي بہ ڪرم نٿو ٿي سگهي. هاڻي سنگدوش کان رهت ٿي.”نِرِوَئيرَهہ سِرِوَڀوتيشوُ“ سمپورڻ ڀوت پراڻين ۾ ويرڀاوَ کان رهت آهي، اُهو مونکي پراپت ٿئي ٿو، تہ ڇا ارجن يڌ ڪئي؟ پرڻُ ڪري ڇا هن جيدرٿ کي ماريو؟ جيڪڏهن اُن کي ماري ٿو، تہ ڀڳوان کي نہ ڏسي سگهي ها، جڏهن تہ ارجن ڏٺو آهي. ان مان سِڌِ ٿيو تہ گيتا ۾ هڪ بہ شلوڪ اهڙو نہ آهي، جيڪو ٻاهرين مارڪٽ جو سمرٿن ڪندو هجي جو ڇيل، آديش ٿيل ڪرم يگيہ جي پرڪريا جو آچرڻ ڪندو، جو سنگہ دوش کان الڳ رهندو تہ يڌ ڪهڙي؟ جڏهن توسان ڪوئي آهيئي ڪوني، تہ توهين يڌ ڪنهن سان ڪندا؟ سيني ڀوت پراڻين ۾ جو وير ڀاوَ کان رهت آهي، من سان بہ ڪنهن کي ستائڻ جي ڪلپنا نہ ڪري، اُهوئي مونکي پراپت ٿئي ٿو، تہ ڇا ارجن لڙائي ورتي؟ ڪڏهن نہ.

حقيقت ۾ سنگه دوش کان الڳ رهي جڏهن توهين انَنيَه چنتن سان لڳو ٿا، مقرر يگيه جي ڪريا ۾ پروورت آهيون اُن وقت رستي ۾، اُن پٽ تي راڳ دويش، ڪام ڪروڌ وغيره خراب شترو رڪاوٽ جي روپ ۾ ظاهر ٿي آهن اَنهن کان پار ٿيڻ ٿي يڌ آهي.

تاتپرج :

هن اڌياءَ جي شروع ۾ ارجن چيو ڀڳون! توهان جي ويڀوتين کي مون وستار سان ٻڌو، جنهن سان منهنجو موهه نشت ٿي ويو اگيان جو شمن ٿي ويو، شانت ٿي ويو؛ پر جيئن توهان ٻڌايو ته مان سڀ ڪجهه آهيان، هرهنڌ آهيان، اُن کي مان ظاهر ڏسڻ ٿو چاهيان. جيڪڏهن منهنجو ڏسڻ ممڪن هجي ته ڪرپا ڪري اُهو سوروپ ڏيکاريو. ارجن پيارو سکا هو، مِتر هو، اننيه شيوڪ هو. تنهنڪري يوگيشور شري ڪرشڻ ڪوئي بحث نه ڪيو ترت ئي ڏيکارڻ شروع ڪيائين ته هاڻي منهنجي ئي اندر بينل سپت رشي ۽ اُن کان به پهرين هئڻ وارن رشين کي ڏس، برهما ۽ وشڻوءَ کي ڏس چوڌاري ڦهليل منهنجي تيج کي ڏس. منهنجي ئي شرير ۾ هڪ استان تي بيهي تون چراچر جڳت کي ڏس؛ پر ارجن اکيون مهٽيندو ئي رهجي ويو. ان طرح يوگيشور شري ڪرشن ٽن شلوڪن تائين لڳاتار ڏيکاريندا رهيا؛ پر ارجن کي ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. سڀ ويڀوتيون يوگيشور ۾ اُن وقت هيون؛ پر ارجن کي هو رواجي منش وانگر ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون. تڏهن اهڙي پرڪار ڏيکاري ڏيکاري يوگيشور شري ڪرشن اچانڪ روڪجي ويا. ۽ چون ٿا ارجن! انهن اکين سان تون نه ڏسي سگهندين. پنهنجي ٻڌيءَ سان تون مونکي پرکي نٿو سگهين. ها! وٺ هاڻي مان توکي اها درشٽي ڏيان ٿو، جنهن سان تون مونکي ڏسي سگهندين.

ڀڳوان تہ سامهون بيٺو هو. ارجن ڏٺو، سچ پچ ڏٺو. ڏسڻ ڪانپوءِ پنهنجي سوارٿي، ظالم گهٽنائن لاءِ معافي گهرڻ لڳو، جيڪي حقيقت ۾ گهٽنايون ڪونہ هيون.

مثلن ڀڳون! ڪڏهن مون توهانکي ڪرشن، يادوَ ۽ ڪڏهن سکا چيو هو، ارجن جي پرارٿنا سويڪار ڪري هو ساڌارڻ روپ ۾ اچي ويو ۽ ڌيرج ڏنائين. حقيقت ۾ ڪرشن چوڻ ڪو اپراڌ نہ آهي. هو تہ سانورو هئوئي، سندر ڪيئن چوائيندو. يدو ونشن ۾ جنم ٿيو هو. شري ڪرشڻ پنهنجو پاڻ کي سکا مڃيندو هو. سچ تہ هرهڪ ساڌڪ مهاپرش کي پهرين ائين ئي سمجهندا آهن. ڪجهہ وري اُنهي روپ ۽ آڪار سان ڪوٺيندا آهن. ڪجهہ اُنهن کي اُنهن جي وِرِتِ سان اُنهن کي پڪاريندا آهن ۽ ڪجهہ اُنهن کي پاڻ جهڙو ئي مڃيندا آهن. هن جي سچي سوروپ کي نٿا سمجهن. هنن جي اچنتيہ سوروپ کي ارجن سمجهيو تہ ائين لڳس تہ هي نہ تہ ڪارا آهن ۽ نہ گورو ، نہ ڪنهن ڪُل جا آهن ۽ نہ ڪنهن جا ساٿي آهن. هنن جهڙو ڪير آهيئي ڪونہ، تہ سکا ڪيئن؟ برابر ڪيئن؟ هيءُ تہ اچنتيہ سروپ آهن. جنهن کي هو پاڻ کي ڏيکارڻ چاهين، اُهوئي هنن کي ڏسي سگهي ٿو. تنهن ڪري هاڻي ارجن پنهنجي شروعاتي ڀُلن‌جي لاءِ معافي گهري.

سوال ٿو اُٿي تہ جڏهن ڪرشن چوڻ ڏوهہ آهي، تہ اُنهن جو نام جپيو ڪيئن وڃي؟ تہ جنهن کي يوگيشور شري ڪرشڻ ئي خود جپڻ لاءِ زور ڏنو هجي، جپڻ جو طريقو ٻڌايو هجي تہ هن وڏيءَ سان توهين سمرن، چنتن ڪريو. اُهوئي آهي ’’ اومتِييڪاڪشرم بِرَهمَ وِياهَرَنِما مَنوُسِمِرَنِ‘‘ اوم اڪشيہ برهم جي برابر آهي. ’’او اَهمِ سَ اوم‘‘ جو وياپت آهي اُها شڪتي مون ۾ ڇپيل آهي. اهوئي آهي اوم جو آڌار. توهين اُن جو

جپ ڪريو ۽ ڌيان منهنجو ڪيو. روپ پنهنجو ۽ نام اوم جو پڌايو.

ارجن پرارٿنا ڪئي ته چترڀج روپ ۾ درشن ڏيو. شري ڪرشن اُنهي شانت سوروپ کي ڌارڻ ڪيو. ارجن چيو! توهانجي هن شانت مانَوَ سوروپ کي ڏسي مان راضي ٿيو آهيان. مون ڳ هريو هو چترڀج روپ ڏيکاريو، ”مانش روپ“ . حقيقت ۾ شپ پوتر ۾ پرويش ڪرڻ وارو يوڳي شرير سان هتي وينو آهي. ٻاهر ٻنهي هٿن سان ڪاريه ڪري ٿو ۽ ڳڏوڳڏ انتر آتما سان جاڳرت ٿي جتان به جو ڀاوڪ سمرڻ ڪن ٿا، يڪدم اُنهن جي هردي ۾ جاڳرت ٿي اُتساهه ڏيڻ واري جي روپ ۾ ڪاريه ڪري ٿو. هٿ هنجي ڪاريه جي نشاني آهي، اهو ئي چترڀج آهي.

شري ڪرشڻ چيو ارجن! توکان سواءِ منهنجي هن روپ کي ڪير به نه ڏسي سگهيو آهي ۽ ڀويشُه ۾ به نه ڪوئي ڏسي سگهندو. تڏهن گيتا اسان لاءِ وئرٿ آهي. پر نه، يوگيشور چون ٿا هڪڙو اُپاءُ آهي. جو منهنجو اننيه ڀڳت، مون کان سواءِ ٻئي ڪنهنجو سمرڻ نه ڪري هميشهه منهنجو ئي چنتن ڪرڻ وارو آهي. هنجي اننيه ڀڳتي دواران مان ظاهر ظهور ڏسڻ جو (جيئن تو ڏنو آهي) تَتِوَ سان جاڻڻ جو ۽ پرويش ڪرڻ ۾ به سولو آهي. ارٿات ارجن اننيه ڀڳت هو. ڀڳتي جو پوتر روپ آهي انوراڳه، اشت سان پورو لڳاءُ ”مِلَنهن نه رگهوپتيِنِ بن انوراڳا“ انوراڳه کانسواءِ، پريم بنا پرش نه ڪڏهن پاتو آهي ۽ نه پائي سگهندو. پريم ناهي ، انوراڳه ناهي ته ڀلي ڪير لک ڪوششون ڪري، جپ ڪري، تپ ڪري، دان ڪري ”هو“ نٿو ملي. هاڻي اِشت جي لاءِ بيحد پيار يا اننيه ڀڳتي تمام ضروري آهي.

پڇاڙيءَ ۾ شري ڪرشڻ چيو: ارجن! منهنجي دواران

آديش ڪيل ڪرم ڪر، منهنجو اننيہ ڀڳت ٿي ڪر، منهنجي شرڻ وٺي ڪر، پر سنگہ دوش ڪان الڳہ رهي. سنگہ دوش ڪرم ڪي پوري ڪرڻ ۾ رڪاوٽ آهي.جيڪو ويرياوَ ڪان رهت آهي، اُهوئي مونکي پراپت ڪري ٿو. جڏهن سنگہ دوش نہ ’آهي، جتي اسان کي ڇڏي ٻيو ڪوئي آهي ئي ڪونہ، وير جو مانسڪ سنڪلپ بہ نہ آهي، تہ يڌ ڇا جي لاءِ؟ ٻاهر دنيا ۾ لڙائي جهڳڙا ٿيندا رهندا آهن؛ پر وجيہ ڪنڻ واري کي بہ نٿي هلي. اشپ سنسار روپي شتروءَ کي بنا سنگہ (موهہ) روپي شستر سان ڪٽي پرم ۾ پرويش پائي وڃڻ ئي حقيقي، سچي وجيہ آهي. جنهن جي پنيان هارَ آهيئي ڪونہ.

هن اڌياءَ ڪان پهرين تہ يوگيشور شري ڪرشڻ ارجن کي درشٽي پرڏان ڪئي، پوءِ پنهنجي وِشوَ روپ جو درشن ڪرايو هاڻي

اوم تَتَسَدِتي شريمد ڀڳوت گيتا سُپَنِشَتِسوُ برهم ودياۑام يوگشاستري شري ڪرشڻا رِجَنسمواد ’’وِشَوَ روپ درشن يوگو‘‘ نامُئيڪادشوڌيايھہ ۔۔ 11 ۔۔

ان طرح شريمد ڀڳود گيتا روپي اُپنشد ايوَمِ برهم وديا تٿا يوگشاستر وِشَيَڪ شري ڪرشڻ ۽ ارجن جو سنواد ’’وِشِوَ روپ درشن يوگہ‘‘ يارهون اڌياءَ پورو ٿئي ٿو .

اِتي شريمَتِپرم هنس پرمانندسيہ شِشيہ سوامي اڙگڙانندڪِرِ تي شريمد ڀڳود گيتاياھہ ’’يٿارٿ گيتا‘‘ ڀاشيي ’’وِشِوَروپ درشن يوگہ‘‘ نامڪئيڪادشوڌيايھہ.

۔۔ هري اوم تت ستِ ۔۔